# عشق مجازيءَ جون

## تباهه ڪاريون



هفتيوار سُنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# عشق مجازي جون تباھ ڪاريون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله　　وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله　　وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏھن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رھندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رھندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

پنھي جھانن جي سُلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنت نشان آھي: جنھن مون تي جُمعي جي ڏينھن سَو (100) ڀيرا دُرُوَدِ پاڪ پڙھيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جون سَو (100) حاجتون پوريون فرمائيندو، سَتر (70) آخرت جون ۽ ٽيھ (30) دنيا جون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ھڪ فرشتو مُقرّر فرمائيندو، جيڪو اُن دُرُوَدِ پاڪ کي منھنجي قبر ۾ پھچائيندو، جيئن توھان کي تُحفا پيش ڪيا ويندا آھن، بي شڪ منھنجو علم منھنجي وصال ڪان پوءِ ائين ھوندو، جيئن منھنجي حيات ۾ آھي. (جمع الجوامع،حرف الميم ،۱۹۹/۷،حديث:۲۲۳۵۵)

اُن پر دُرود جن کو کس بے کساں کہیں　　اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے



www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!        صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.** (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي بيهن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله, تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!        صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون به نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل



www.dawateislami.net

ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰي سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو ته ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عورت جو فتنو

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابُوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مايہ ناز ڪتاب "پردي جي باري ۾ سوال جواب" جي صفحي 93 تي هڪ حڪايت نقل فرمائن ٿا: بني اسرائيل ۾ هڪ تمام وڏو **عابد** يعني عبادت گذار شخص هو. اُن جي علائقي جا ٽي ڀائر هڪ ڀيري ان **عابد** جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض گذار ٿيا تہ اسان کي سفر درپيش آهي، واپسيءَ تائين اسان جي جوان ڀيڻ کي



www.dawateislami.net

اسان توهان وٽ ڇڏي وڃڻ چاهيون ٿا، **عابد** فتني جي خوف سبب معذرت ڪئي پر انهن جي مسلسل اصرار تي هو تيار ٿي ويو ۽ چيائين ته مان پاڻ سان گڏ ته نه رکندس ڪنهن ويجهي گهر ۾ ان کي ڇڏي وڃو، پوءِ انهن ائين ئي ڪيو . عابد کاڌو پنهنجي عبادت خاني جي دروازي جي ٻاهران رکي ڇڏيندو ۽ هوءَ کڻي ويندي هئي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ شيطان عابد جي دل ۾ همدردي جي انداز ۾ وسوسو وِڌو ته کاڌي جي وقت ۾ نوجوان ڇوڪريءَ پنهنجي گهر کان نڪري ايندي آهي ڪِٿي ڪنهن بدڪار مرد جي هٿ نه چڙهي وڃي، بهتر هي آهي ته پنهنجي دروازي جي بدران اُن جي دروازي جي ٻاهران کاڌو رکيو وڃي، ان سني نيّت جو ثواب به ڪافي ملندو. اهڙي طرح هاڻي ان کاڌو ان جي دروازي تائين پهچائڻ شروع ڪيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ شيطان وري وسوسي جي ذريعي عابد جي همدرديءَ واري جذبي کي اُڀاريو ته ويچاري چپ چاپ اڪيلي پئي هوندي آهي، آخر ان جي وحشت دور ڪرڻ جي سني نيت سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۾ ڪهڙو گناهه آهي؟ اهو ته ثواب جو ڪم آهي، هونئن به تون وڏو پرهيزگار ماڻهو آهين، نفس تي غالب آهين، نيت به صاف آهي هيءَ تنهنجي ڀيڻ وانگر آهي، اهڙي طرح ڳالهه ٻولهه جو سلسلو شروع ٿيو. نوجوان ڇوڪريءَ جي سريلي آواز عابد جي ڪن ۾ اثر ڪرڻ لڳي، دل ۾ جوش پيدا ٿيو، شيطان وڌيڪ اُڀاريو ايتري تائين جو ”نه ٿيڻ وارو ٿي ويو“ ايتري تائين جو ڇوڪريءَ ٻار به ڄڻي ڇڏيو، شيطان دل ۾ وسوسن جي ذريعي خوف ڏياريو ته جيڪڏهن ڇوڪريءَ جي ڀائرن ٻار ڏسي ورتو ته وڏي بدنامي ٿيندي تنهنڪري عزت پياري آهي ته نئين ڄاول ٻار کي ذبح ڪري زمين ۾ پوري ڇڏ. هو ذهني طور تي تيار ٿي ويو وري فورًا وسوسو وِڌائين ته ڪِٿي ائين نه ٿئي جو ڇوڪري ئي پنهنجي ڀائرن کي



www.dawateislami.net

ٻڌائي ڇڏي. بس عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ ”نہ رهي بانس نہ وڄي بانسري“ ٻنهي ڪي ذبح ڪري ڇڏ، مطلب تہ عابد جوان ڇوڪريءَ ۽ ننڍڙي ٻار کي بيدرديءَ سان ذبح ڪري انهيءَ جڳھ ۾ هڪ کڏ کوٽي دفن ڪري زمين برابر ڪري ڇڏي، جڏهن ٽئي ڀائر سفر کان موٽي **عابد** وٽ آيا تہ ان افسوس جو اظهار ڪندي چيو: توهان جي ڀيڻ فوت ٿي وئي آهي، اچو ان جي قبر تي فاتحہ پڙهي ڇڏيو. اهڙي طرح عابد انهن کي قبرستان وٺي ويو ۽ هڪ قبر ڏيکاري ڪوڙ هڻندي چيائين: هيءَ توهان جي مرحومہ ڀيڻ جي قبر آهي، پوءِ انهن فاتحہ پڙهي ۽ غمگين واپس موٽي آيا. رات جو شيطان هڪ مسافر جي صورت ۾ ٽنهي ڀائرن جي خوابن ۾ آيو ۽ ان عابد جا تمام ڪارا ڪرتوت بيان ڪري ڇڏيا ۽ تدفين واري جڳھ جو نڪاٽو بہ ٻڌائي ڇڏيو تہ هتي کوٽيو، پوءِ ٽئي اُٿيا ۽ هڪ ٻئي کي پنهنجو خواب ٻڌايو. ٽنهي ملي خواب ۾ ٻڌايل زمين کوٽي تہ واقعي اُتي ڀيڻ ۽ ٻار جا ذبح ٿيل لاش موجود هئا. اُنهن ٽنهي **عابد** تي حملو  ڪيو تہ اُن ڏوھ جو اعتراف ڪيو، انهن بادشاھ جي دربار ۾ فرياد ڪيو. **عابد** کي سندس عبادتخاني مان ڪِڍي ڪري ڪڍيو ويو ۽ ڦاهي ڏيڻ جو فيصلو ٿيو. جڏهن ڦاهي تي چڙهائڻ جي لاءِ آندو ويو تہ شيطان اُن تي ظاهر ٿيو ۽ چوڻ لڳو: مون کي سُڃاڻ! مان تنهنجو اُهو ئي ساٿي آهيان، جنهن توکي عورت جي فتني ۾ وجهي ذلت جي آخري منزل تائين پهچايو آهي، خير گهٻراءِ نہ، مان بچائي سگهان ٿو پر شرط اهو آهي تہ توکي منهنجي اطاعت ڪرڻي پوندي. جنهن جي جان تي اچي پوندي آهي اُهو سڀ ڪجھ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي! عابد چيو: مان تنهنجي هر ڳالھ مڃڻ لاءِ تيار آهيان. ان چيو: الله عَزَّوَجَلَّ جو انڪار ڪري ڇڏ ۽ ڪافر ٿي وڃ. بدنصيب عابد چيو: مان خدا جو انڪار ڪريان ٿو ۽ ڪافر ٿيان ٿو. شيطان هڪدم غائب ٿي



www.dawateislami.net

ويو ۽ سپاهين فورًا ان بدنصيب عابد کي ڦاسي ڏيئي ڇڏي.

( تلبيس ابليس التحذير من فتن ابليس و مكايده ص 38 _ 40 ملخصا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ان حڪايت کي نقل ڪرڻ کان پوءِ اميرِ اهلسنّتدَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عورت جي فتني کان بچڻ جو ذهن ڏيندي فرمائن ٿا تہ شيطان وٽ مردن کي برباد ڪرڻ لاءِ سڀ کان وڏو ۽ بُرو هٿيار ”عورت“ آهي. بد نصيب عابد پاڻ وٽ جوان ڇوڪريءَ کي رکڻ لاءِ تيار ٿي ويو ۽ پوءِ شيطان جي داؤ ۾ اچي ڪري ڪاڏو ان جي دروازي تي پهچائڻ لڳو ۽ پوءِ بس ان تہ شيطان کي آڱر پڪڙائي هئي پر هن چالباز تہ هٿ پاڻ ئي پڪڙي ڇڏيو ۽ آخر ڪار پروردگار جو انڪار ڪرائي ان کي ڦاسيءَ تي چاڙاهي ڪري ذلت جي موت مارائي ڇڏيو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي سڀ ڪجھ شَهوت پَرَستي ئي جو نتيجو آهي، شَهوت (يعني بُري خواهش) نہ صرف انسان کي انسان مان جانوَر بڻائي ڇڏيندي آهي بلڪ اُن کي اِنتِهائي شرمناڪ ڪم ڪرڻ تي بہ مجبور ڪري ڇڏيندي آهي، جنهن جي سبب انسان ذليل ۽ خُوار بہ ٿيندو آهي ۽ سچّي توبھ نہ ڪرڻ جي صُورت ۾ آخرت جي دَرَدناڪ عذاب جو حَقدار بہ بڻجي ويندو آهي.

حضرت سيدُنا ابُودرداء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن نفساني خواهش (يعني نفس جي بُري خواهش) جي تڪميل ڪرڻ کان مَذَمّت ڪندي ارشاد فرمايو: **هڪ گهڙيءَ جي لاءِ شهوت جي تسڪين وڏي غم جو سبب ٿيندي آهي.**

( جامع صغير للسيوطي، حرف الهمزة،ص173، حديث 2887 )

يقينًا ڪوئي عام شخص هجي يا نامحرم رشتيدار بس پردي ئي ۾ ٻنهي جهانن جي ڀلائي آهي، نہ تہ مرد ۽ عورت جو پاڻ ۾ بي تڪلّف ٿيڻ بيحد



www.dawateislami.net

خطرناڪ نتيجا آڏي سگهي ٿو. (ياد رکو!مرد جو چاچي جي ڌيءَ، مامي جي ڌيءَ، ڦڦيءَ جي ڌيءَ، ماسيءَ جي ڌيءَ ڪان پردو آهي، ان سيني کي انگلش ۾ ڪزن (Cousin) چيو ويندو آهي. انهن سان اڪيلائپ اِختيار ڪرڻ، بي تڪلف ٿيڻ، کِل مذاق وغيره ڪرڻ سان بي حد خطرناڪ نتيجا اچي سگهن ٿا، اهڙي طرح ياد رکو! سالي، ڀاڄائي، چاچي ۽ ماميءَ ڪان بہ پردو آهي. (انهن سان بہ اڪيلائي اِختيار ڪرڻ، بي تڪلف ٿيڻ دُرست ناهي).

**اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **فرمائن ٿا: جنهن پنهنجي نَفس تي اعتماد ڪيو، اُن وڏي ڪَذّاب** (يعني تمام وڏي ڪوڙي) **تي اعتماد ڪيو** (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،ص۴۵۴) **خاتمُ المرسلين، رحمةٌ لِّلعٰلمين** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمانِ عبرت نشان آهي: جڏهن بہ ڪو شخص ڪنهن اجنبي عورت سا گڏ تنهائي اختيار ڪندو آهي، انهن سان گڏ ٽيون شيطان ضرور هُوندو آهي.“**
(ترمذی،کتاب الفتن،باب ماجاء فی لزوم الجماعۃ،۶۷/۴ ،حدیث: ۲۱۷۲)

**مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان **انهي حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني جڏهن ڪو شخص اجنبي عورت سان گڏ اڪيلائپ ۾ هوندو آهي ڀلي اهي ڪيڏا بہ نيڪ هجن ۽ ڪنهن** (نيڪ) **مقصد لاءِ** (ئي) **جمع ٿيا هجن** (پر) **شيطان ٻنهي کي برائي تي ضرور اُڀاريندو آهي ۽ ٻنهي جي دلين ۾ ضرور هيجان پيدا ڪندو آهي، خطرو آهي تہ گناھ ڪرائي ڇڏي! انهي لاءِ اهڙي اڪيلائي ۾ جمع ٿيڻ کان وڌيڪ احتياط ڪرڻ کپي گناھ جي سببن کان بچڻ بہ لازمي آهي، بخار روڪڻ جي لاءِ نزلي زڪام کي روڪيو.** (مرآۃ المناجیح،۲۱/۵بتغیر قلیل)

**حضرت علامہ عبدالرؤف مناوي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى **فرمائن ٿا: ”جڏهن ڪا عورت ڪنهن اجنبي مرد سان گڏ اڪيلائپ ۾ گڏ ٿيندي آهي تہ شيطان جي لاءِ هي هڪ سنو موقعو هوندو آهي، هو انهن ٻنهي جي دلين ۾ خراب وسوسا وجهندو آهي، انهن جي شهوت کي ڀڙڪائيندو آهي، حيا ڇڏي گناهن ۾ مُلوَّث**



www.dawateislami.net

تيڻ جي ترغيب ڏيندو آھي.“ (فيض القدير،حرف الهمزة،۳/ ۱۰۲ ،تحتَ الحديث ۲۷۹۵ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي شيطان جي ڄار ۽ شَھۡوت جي وبال کان بچڻ جي لاءِ اجنبي مَرۡد ۽ عَورت جو ھڪ ٻي کان پردو ڪرڻ ۽ پنھنجي نِگاھن جي حِفاظت ڪرڻ نھايت ضروري آھي، ڇاڪاڻ جو شَھۡوت ڀريان مَرۡد ۽ عَورت جي دل ۾ ھڪ ٻي جي قربت جو شوق ئي پيدا ڪندي آھي، قُرب حاصل ٿيڻ کان پوءِ ڳالھ ٻولھ جا سلسلا جاري ٿي ويندا آھن ۽ پوءِ اھا ئي ڳالھ ٻولھ اڳتي ھلي ڪري ھڪ ٻي سان مذاق مسخري ۽ بي تڪلُّفيءَ ۾ تبديل ٿي ويندي آھي، جيڪڏھن ڀريان عشقِ مجازيءَ جو جنون مٿي تي سُوار نہ بہ ھجي يا ٻنھي مان ڪنھن ھڪ جي دل ۾ ئي عشق پيدا ٿيو ھجي، ڪنھن جھجڪ جي سبب اُن جو اِظھار نہ ڪيو ويو ھجي، تہ ان بي تڪلُّفيءَ کان پوءِ تہ عُمُومًا عشق ٿي ئي ويندو آھي ۽ ان جو اِظھار بہ با آساني ڪيو ويندو آھي ۽ پوءِ ھڪ طرفہ عشق، بہ طرفہ ٿي ڪري ڪھڙين ڪھڙين آفتن ۽ گُناھن ۾ مبُتلا ڪندو آھي، ان جو ھر عقلمند اندازو ڪري سگھي ٿو. اچو تہ عشقِ مجازي جي آفتن ۽ حضرت سَيدُنا يوسُف عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي طرف عشقِ مجازيءَ جي نسبت ڪرڻ جي غَلَط فھمي دُور ڪرڻ جي باري ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اھلسنّت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابُوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہ جي تحرير ڪيل 616 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ جي صفحي 40 کان 43 مان ڪجھ ٻُڌون ٿا: جيئن تہ،

شيخِ طريقت، اميرِ اھلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہ عشق مجازيءَ جون تباھ ڪاريون بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ عشق مجازيءَ جو اھڙو عجيب و غريب معاملو آھي عام طور جيڪو ھڪ ڀيري ان جي وڪڙ ۾ اچي وڃي، ان جو ان مان بچي



www.dawateislami.net

نڪرڻ ڏکيو هوندو آهي. اڄڪلهه عشق مجازي جي خوب هوا هلي رهي آهي، هن جو سڀ کان وڏو سبب اڪثر مسلمانن ۾ اسلامي معلومات جي گهٽتائي ۽ ديني ماحول کان دوري آهي، انهيءَ ڪري هر پاسي گناهن جو سيلاب اچي چڪو آهي! T. V، V.C.R، ۽ انٽرنيٽ وغيره ۾ عِشقِيه فلمون ۽ فِسقِيه ڊرامن کي ڏسي يا عشق بازين تي مبالغه آميز اخباري خبرون، ۽ ناولن، بازاري ماهنامن، ڊائجسٽن ۾ فرضي افسانن کي پڙهي يا ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي مَخلوط (جتي ڇوڪرو ڇوڪري گڏ هجن اهڙن) ڪلاسن ۾ ويهي، يا نامَحرم رشتيدارن سان ملي پاڻ ۾ بي تڪلفيءَ واري راهه تي هلڻ سان اڪثر نوجوانن کي ڪنهن نه ڪنهن سان عِشق ٿي ويندو آهي، پهرين هڪ طرفان ٿيندو آهي پوءِ جڏهن فريق اول، فريق ثانيءَ کي ٻڌائيندو آهي ته بعض اوقات ٻه طرفا ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ عموماً گناهه ۽ نافرمانين جو طوفان اچي ويندو آهي، فون تي دل کولي بي شرمانه ڳالهيون بلڪ بي حجاب ملاقاتن جا سلسلا ٿيندا آهن، خطن ۽ تحفن جا تبادلا ٿيندا آهن، شادي جا خُفيه قول ۽ قرار ٿي ويندا آهن، جيڪڏهن گهر وارا ديوار بڻجن ته ڪڏهن ڀڄي فرار ٿي ويندا آهن، ان کان پوءِ اخبار ۾ اِشتِهار ڇپبا آهن، خاندان جي عزت، آبرو سرِ عام نيلام ٿيندي آهي، ڪڏهن "ڪورٽ ميرج" جي ترڪيب ٺهندي آهي ته ڪڏهن **مَعَاذَاللّٰه** ائين ئي بنا نڪاح جي..... ۽ اهڙن بي رحم انسانن جي ناجائز ٻارن جا لاش ڪچري ڪنڊي (يعني گندگي جي ڍير) ۾ ملندا آهن، ۽ ائين به ٿيندو آهي جو ڀڄي نه سگهن ته خودڪُشيءَ جي راهه ورتي ويندي آهي جنهن جون خبرون اخبار ۾ تقريباً روزانو شايع ٿينديون رهنديون آهن .



www.dawateislami.net

## يوسف جو دامن عشق مجازي کان پاڪ آھي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄڪلھ اسلامي معلومات جي ڪمي جو دؤر آھي، جھالت عام آھي، ڪجھ نادان عاشق، پنھنجي گندي عشق بازين تي پردو وجھڻ لاءِ ايستائين بہ چوندي ٻڌا ويا آھن تہ **حضرت سيدنا يوسف** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بہ زليخا سان عشق ڪيو ھو! (مَعَاذَاللّٰه) ائين ھرگز ناھي، يقيناً ائين بڪواس ڪرڻ وارا نادان عاشق سخت خطا تي آھن، پنھنجي نفس جي شرارت جي معاملي ۾ شيطان جي ڳالھين ۾ اچي بنا سوچي سمجھي ڪنھن بہ نبي عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي باري ۾ زبان کولڻ ايمان جي لاءِ انتھائي خطرناڪ ھوندي آھي. ياد رکو! نبي عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي اَدنيٰ گستاخي بہ ڪفر آھي. **حضرت سيدنا يوسف** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جا نبي آھن ۽ ھر نبي معصوم. نبي کان ڪڏھن بہ مَذموم حرڪت ناھي ٿيندي، جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن "**ڪنزُالايمان مع خزائنُ العِرفان**" صفحي 445 تي سيپاري 12 سورة يوسف جي آيت نمبر 24 ۾ الله تبارڪ و تعالي ارشاد فرمائي ٿو:

وَ لَقَدْ هَمَّتْ بِهٖ ۚ وَ هَمَّ بِهَا لَوْ لَاۤ اَنْ رَّاٰ بُرْهَانَ رَبِّهٖ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ بيشڪ عورت ان جو ارادو ڪيو ۽ اھو بہ عورت جو ارادو ڪري ھا جيڪڏھن پنھنجي رب جو دليل نہ ڏسي ھا.

**صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدِّين مراد آبادي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِى فرمائن ٿا: **اللّٰه** تعاليٰ اَنبياء عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پاڪ نفسن کي بُري اخلاق ۽ خراب اَفعَال کان پاڪ پيدا ڪيو آھي ۽ اخلاق شريفہ طاھِرہ مقدَّسہ تي انھن جي پيدائش فرمائي آھي، ان ڪري اھي ھر بُري فعل کان پري رھن ٿا، ھڪ



www.dawateislami.net

روايت ۾ آھي تہ جنھن وقت زليخا سندن جي پويان لڳي، تنھن وقت پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنھنجي والد ماجد حضرت يعقوب عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ڏنائون تہ آڱر مبارڪ ڏندن جي هيٺان دٻائي پري ھٽڻ جو اشارو فرمائي رهيا هئا.(خزائن العرفان)

حقيقت ھي آھي تہ عشق صرف زليخا جي طرفان ھو حضرت سيدنا يوسف عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو دامن ان کان يقيناً پاڪ ھو سيپاري 12 سوره يوسف آيت نمبر 30 ۾ مصر جي شريف ماڻھن جي عورتن جو قول ھن طرح نقل ڪيو ويو آھي:

وَ قَالَ نِسۡوَةٌ فِی الۡمَدِیۡنَةِ امۡرَاَتُ الۡعَزِیۡزِ تُرَاوِدُ فَتٰىهَا عَنۡ نَّفۡسِهٖ ۚ قَدۡ شَغَفَهَا حُبًّا ؕ اِنَّا لَنَرٰىهَا فِیۡ ضَلٰلٍ مُّبِیۡنٍ ﴿۳۰﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ شھر ۾ ڪن عورتن چيو جو عزيز جي زال پنھنجي نوجوان جي دل لالچائي ٿي. بيشڪ ان جي محبت ان جي دل ۾ گھري ويئي آھي اسان تہ ان کي محبت ۾ بي اختيار ڏسون ٿيون.

حُجَّةُ الۡاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد بن محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي فرمائن ٿا: ”زليخا کي رغبت ھئي پر حضرت سيدنا يوسف عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام طاقت ۽ قدرت رکڻ باوجود ان (يعني زليخا جي طرف رغبت) کان روڪيا رھيا، الله عَزَّوَجَلَّ قرآن ڪريم ۾ سندن جي محفوظ رھڻ جي عمل جي تعريف ڪئي آھي. (احياءُ العلوم ج 3 ص 129)

## نادان عاشقن جو رد ٿي ويو!

ان سان اَظۡهَر مِنَ الشَّمۡسِ وَ اَبۡيَن مِنَ الۡاَمۡس يعني سج کان وڌيڪ روشن ۽ گذريل ڪالھ کان وڌيڪ يقين ٿي ويو تہ اڄڪلھ جيڪي نادان عاشق پنھنجي گناھن پري بدبودار عشق کي صحيح ثابت ڪرڻ جي لاءِ مَعَاذَالله حضرت سيِّدُنا



www.dawateislami.net

يُوسُف عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ زليخا جي واقعي کي آڙ بڻائن ٿا، اهو قرآن پاڪ جي حڪم جي سراسر خلاف آهي ۽ ڪئي صورتن ۾ سڌو ڪفر تائين وني وڃڻ وارو آهي، سورتِ يوسف ۾ صرف زليخا جي طرفان عشق جو تذڪرو آهي پر ڪٿي بہ ڪو اشارو نٿو ملي تہ مَعَاذَاللّٰہ حضرت سيدنا يوسف عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام بہ هن عشق ۾ شريڪ هئا، تنهنڪري جيڪي حضرت سيدنا يوسف عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي بہ عشق ۾ شريڪ ڪندا آهن، اهي ان کان توبہ ۽ تجديدِ ايمان ڪن يعني توبہ ڪري نئين سري کان مسلمان ٿين. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي نبي عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو شان تمام بلند هوندو آهي ۽ اهي گناهن کان معصوم هوندا آهن.

محبّت غیر کی دل سے نکالو یا رسول اللہ! مجھے اپنا ہی دیوانہ بنالو یا رسول اللہ!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ موجوده دَور ۾ ڪيترين ئي اَخلاقي مُعاشَرتي ۽ شَرعي بُرائين سان گڏوگڏ عشقِ مجازيءَ کي فروغ ڏيڻ ۾ بہ موبائل فون ۽ اِنٽر نيٽ اِنتِهائي اَهَم ۽ بُنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي، اڄڪلهہ عام طور تي بدمعاش ڇوڪرا نَفساني خواهشات جي تڪميل جي لاءِ "ٽائيم پاس" ڪرڻ جي خاطر ڪنهن نہ ڪنهن طرح صِنفِ نازُڪ جو فون نمبر حاصل ڪري يا فيس بُڪ وغيره جي ذريعي هڪ ٻي سان رابطا قائم ڪري وٺندا آهن ۽ اڪثر ڪري ٻهريون قدم صِنفِ نازُڪ جي طرف کان کڄندو آهي، ائين ڪجهہ ئي عرصي ۾ اجْنَبِيت ختم ٿي ويندي آهي ۽ بي حيائي ۽ عشقِ مجازي جو نہ ختم ٿيڻ وارو سِلْسِلو شروع ٿي ويندو آهي، ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هر زماني ۾ انساني ضرورَتن جي لحاظ کان سائنس دانن جي هڪ ٻي کان وڌيڪ حيرت انگيز اِيجادون منظرِ عام تي اچي رهيون آهن ۽ پنهنجي پنهنجي دَور جي ماڻهن کان خراجِ



www.dawateislami.net

تَحسِين وُصُول ڪنديون رهيون آهن، پر هي به هڪ حقيقت آهي ته هاڻي تائين جي تمام اِيجادن ۾ موبائل فون سڀ کان وڌيڪ حيرت انگيز اِيجاد آهي، جنهن چڙ ته پوري دُنيا کي ننڍو ڪري انسان جي ترِي تي رکي ڇڏيو آهي. موبائل فون نه صرف پوري دنيا ۾ مقبول آهي، بلڪ زندگي جي تقريبًا تمام شعبن ۾ ان جو ڪنهن نه ڪنهن حد تائين عَمَل دَخَل ضرور آهي، اهو ئي سبب آهي ته اڄ موبائل فون هڪ طرح سان اسان جي ضرورياتِ زندگي جو حِصّو بڻجي چڪي آهي. ان جي ضرورت ۽ اَهميت جو اندازو ان ڳالهه سان لڳائي سگهجي ٿو ته ماڻهن جي هڪ تمام وڏي تعداد جا روز مرّه جي مُعامَلن ۾ موبائل فون جو استعمال ايتري قدر وڌي چڪو آهي جو اهي ماڻهو ان جي بغير زندگي گُذارڻ جو تصوّر به نٿو ڪري سگهي، هلندي ڦرندي اُٿندي ويهندي سمهندي جاڳندي، هر وقت موبائل فون سان ئي چنبڙيل رهندا آهن ۽ اُن کي پاڻ سان چنبڙائي رکندا آهن، ايستائين جو ڪجهه بَد ذوق ماڻهو ته باٿ رُوم ۾ به ان جو استعمال جاري ئي رکندا آهن.

## موبائل جي چڱي بُري ٿيڻ جو دارو مَدار استعمال تي آهي

بهرحال ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته موبائل فون جي اِيجاد جتي انسان کي ڪيترا سارا فائدا پهچايا آهن، اُتي ناقابلِ تلافي نُقصانات ۽ ناقابلِ حل مشڪلاتن ۾ به مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. ان لاءِ جيڪڏهن فائدي جي اعتبار کان هي هڪ طرح جي نعمت آهي ته نُقصانن جي لحاظ کان تمام وڏي مصيبت به آهي، پر حقيقت هيءَ آهي ته ان ۾ موبائل فون جو ڪو قُصُور ناهي، ڇو جو هي ته صرف هڪ اوزار آهي، پنهنجي ذات جي اعتبار کان نه چڱو آهي نه بُرو، ان جي چڱي بُري ٿيڻ جي بُنياد ۽ ان جي فائدن ۽ نُقصانن



www.dawateislami.net

جو دار و مدار ان جي استعمال تي آھي، جيڪڏھن جائز ڪمن ۾ ان جو صحيح استعمال ڪيو وڃي، تہ ان ۾ فائدو ئي فائدو آھي، بلڪ جيڪڏھن اھا ئي موبائل فون ضرورت پوڻ تي نيڪ ڪمن جي لاءِ استعمال ڪئي وڃي تہ ڪارِ ثواب بہ ٿي سگھي ٿو، نيڪ ڪمن ۾ ان جو استعمال ڪو قابلِ تَعَجُّب ڳالھ ناھي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سان وابستہ اسلامي ڀائر، مُبَلِّغِين ۽ ذِمّہ داران ان جي ذريعي بہ نيڪي جي دعوت ۽ سُنّتن جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آھن، ھاڻي ڪجھ ئي عرصو ٿيو ھوندو، مدني چينل تي دعوتِ اسلامي جي مدارِسُ المدينہ جي مدني عَطِيات جي لاءِ ٿيلي ٿون (مدني عطيات جمع ڪرڻ جي مھم جو سلسلو) ٿيو، تہ ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن موبائل فون ۽ اِنٽر نيٽ جي ذريعي بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن ۾ ترقّي جي لاءِ پنھنجي پنھنجي طور تي ڪوششون ڪيون ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڀرپُور انداز ۾ مدني عَطِيات جمع ڪرڻ جو سلسلو رھيو، بھرحال جيڪڏھن ان جو صحيح استعمال ڪيو وڃي تہ ھيءَ چڱي آھي ۽ ان جو فائدو ئي فائدو آھي ۽ جيڪڏھن غَلَط استعمال ڪيو وڃي تہ ھيءَ بُري آھي ۽ ان جو نُقصان ئي نُقصان آھي.

## بي مقصد شيءِ کي تَرْڪ ڪرڻ ۾ اِسلام جو حُسن آھي

اڄ ڪروڙن جي تعداد ۾ ماڻھون موبائل فون استعمال ڪري رھيا آھن، ان مان ڪجھ تہ ضرورت جي سبب استعمال ڪندا آھن ۽ ڪيترائي فيشن، راند روند، ويڊيو گيمز، عادت يا گُناھ جي طور تي بہ استعمال ڪندا آھن، جن ۾ بد قسمتي سان مسلمان بہ شامل آھن، اھڙن ماڻھن کي موبائل فون جي استعمال ۾ جائز ۽ ناجائز جي ڪا پرواھ ناھي، يا ائين سمجھو تہ جائز ۽ ناجائز جي طرف اُنھن جي ڪا توجّھ ناھي، جڏھن تہ ھڪ مسلمان جو ھر ڪم



www.dawateislami.net

شريعت جي عين مُطابِق ھئڻ گھرجي، بالفرض ناجائز ۽ گُناھ جي ڪمن ۾ ان جو استعمال نہ بہ ڪيو وڃي، صرف فُضُول ڪمن ۾ ئي استعمال ڪيو وڃي، تڏھن بہ ان کان بچڻ ئي گھرجي، ڇو جو فُضُول ڪم وقت ضائع ڪرڻ سان گڏوگڏ انسان جي اسلام جي لَذّت، حَلاوَت ۽ حُسن تي بہ اَثر انداز ٿيندا آھن. سرڪارِ مدينہ، سُرورِ قلب ۽ سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ باقرينہ آھي: مِنْ حُسْنِ اِسْلَامِ الْمَرْءِ تَرْكُهُ مَا لَا يَعْنِيْهِ يعني فُضُول ۽ بي مقصد ڪمن کي ڇڏي ڏيئڻ، اسلام جي حُسن مان آھي. ( ترمذی،کتاب الزھد،باب(ت:١١)،۱۴۲/۴،حدیث:۲۳۲۴)

## موبائل جي غَلَط استعمال ڪان پيدا ٿيڻ واريون بُرائيون

بھرحال ان ۾ ڪو شڪ ناھي تہ اڄڪلھ موبائل فون جي فائدن ڪان وڌيڪ، ان جا نُقصان ۽ تباھ ڪاريون آھن. موبائل فون جي تباھ ڪارين ۽ فتني انگيزين جا مناظر ڏسي ڪري اکيون رَت جا ڳوڙھا ٿيون وھائين. موبائل جي سبب اطمينان، سڪون، چين ۽ قرار ختم ٿي ويو...شرم ۽ حيا، عزّت ۽ وقّار ھليو ويو... شريف ۽ عزّت دار عَورت جي حيا آھستي آھستي ختم ٿي رھي آھي...ابنِ آدم جي عزّت ۽ بنتِ حوّا جي عصمت ۽ پاڪدامني کي خطرن گھيري رکيو آھي...شرافت ۽ اَخلاق، تَھذِيب ۽ تمدُّن جو جنازو نڪري ويو...اِسراف ۽ فُضُول خرچيءَ جو بازار گرم ٿي ويو ... ان جي غَلَط استعمال جي ڪثرت جي سبب وقت جي قدر ۽ قيمت جو احساس فنا ٿي ويو ۽ وقت ضائع ڪرڻ جو ھڪ نئون دَور شروع ٿي ويو...رات جو اڪثر حصو موبائل جي ذريعي فُضُول گفتگو ڪرڻ جي سبب غير ضروري شَبِ بيدارين ۾ اضافو ٿي ويو... عشقِ مجازي جي بيماري زور پڪڙڻ لڳي...ناجائز اُلفت ۽ محبت ڪان نوجوانن جي زندگيون تباھ ٿيڻ لڳيون...



www.dawateislami.net

راتن جو مُسلسل جاڳڻ جي سبب جسم مڪمل آرام کان محروم ٿي ويو... صِحَّت تي وڏو اَثر پوڻ لڳو... گانا باجا ٻُڌڻ ۽ فلمون ڊراما ڏسڻ جو رُجحان وڌي ويو... گهر گهر ۾ سنيما بلڪ هڪ هڪ گهر ۾ ڪيئي ڪيئي سنيما کُلي ويا...اِنْتِهائي شرمناڪ فلمي مناظر ڏسڻ جي راهه ۾ حائل رڪاوٽون ختم ٿي ويون...نوجوان وقت کان پهريان ئي پِيريءَ جي چائنٺ تي قدم رکڻ لڳا ... پڙهائي ۾ دِلْچَسپي ۽ ڪم ڪار ۾ پوئتي ۽ يڪسوئي ختم ٿي وئي...سُستي ۽ ڪاهلي عام ٿي وئي ۽ انسان آرام پسند ٿي ويو...اجَنبي عَورَتن ۽ غير مَحرَم ڇوڪرين کان تانڪ جهانڪ ۾ ڪئي گُنا اضافو ٿي ويو...بي حيائيءَ جو رستو وسيع ۽ بدڪاري جو رستو اِنْتِهائي آسان ٿي ويو...موبائل فون تي سيٽ ڪيل (يعني لڳايل) موسيقي جي ڌُنن ۽ گاني جا واهِيات (فضول) اشعارن سان مسجدن جو اِحْتِرام ۽ تقدُّس پامال ٿي ويو...مسجد جي پُرڪيف ماحول ۾ ذڪر ۽ اَذْڪار ، تلاوتِ قرآن ۽ سنّتن ڀريي درس ۽ بيان ڪرڻ، ٻُڌڻ وارن جي توجّهه ۽ ڪيف ۽ سُرور مُتَاَثِر ٿيڻ لڳو، ايستائين جو پنهنجي يا ڪنهن ٻي جي موبائل جي سبب نماز جهڙي اَهَم عبادت جو بہ خُشُوع ۽ خُضُوع سان گڏ ادائيگي دُشوار ٿي وئي.

فرياد ہے اے کشتیِ اُمّت کے نگہباں | بیڑا یہ تباہی کے قریب آن لگا ہے
دیکھے ہیں یہ دن اپنی ہی غفلت کی بدولت | سچ ہے کہ بُرے کام کا انجام بُرا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گانا باجا غيرتِ انساني جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيندا آهن

مَنا مَنا اسلامي ڀائرو! هي تہ موبائل فون جي تمام گهٽين بُرائين مان



www.dawateislami.net

چند ھڪ جو مختصر تذڪرو ڪيو ويو آھي، ان بُرائين ۾ مزيد ڪجھ بُرايون پوشيده آھن. مثلاً گانا باجن ڪي ئي ڏسي ونو تہ موبائل جي سبب گانا باجا ٻُڌڻ جو رُجحان وڌي رھيو آھي، بلڪ ھاڻي تہ مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ موبائل جي ذريعي ئي گناھ ايتري قدر آسان ٿي ويو آھي جو نہ صرف گانا باجا ٻُڌي ڪري ڪنن کي حرام سان پُر ڪرڻ بلڪ ان سان گڏوگڏ بيھوده ۽ شرمناڪ مناظر ڏسي ڪري اکين کي حرام سان پُر ڪرڻ جي لاءِ بہ ڄڻ تہ ڪا رُڪاوٽ ئي ناھي. جڏھن تہ گانا باجا ٻُڌڻ، خود ڪيترين ئي بُرائين جو مجموعو آھي، ان جي ذريعي دل ۾ نِفاق پيدا ٿيندو آھي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿيندو آھي، غيرت ۾ ڪمي ايندي آھي ۽ شھوت ۾ اِضافو ٿيندو آھي جيئن تہ

نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: گانا ۽ لَھو (يعني راند روند) دل ۾ اھڙي طرح نِفاق اُپاريندا آھن، جھڙي طرح پاڻي ساوَڪ اُپاريندو آھي. (فردوس الاخبار،باب الغين،۱۰۱/۲،حديث:۴۲۰۴)

حضرت سَيِدُنا ضَحّاڪ رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آھي تہ گانا دل کي خراب ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کي ناراض ڪندا آھي.(تفسيراتِ احمديہ،پ۲۱،لقمٰن،تحت الآية:۶،ص۶۰۳) حضرت علّامہ جلالُ الدّين سُيوطي الشّافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ حضرت سَيِدُنا يزيد بن وليد رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: گاني باجي کان خود کي بچايو، ڇو جو ھي شَھوت (يعني بُري خواھش) کي اُپاريندا آھن ۽ غيرت کي برباد ڪندا آھن ۽ ھي شراب جي قائم مقام آھن، ان ۾ نشي جھڙي تاثير آھي. (در منثور، پ۲۱،لقمٰن،تحت الآية:۶،۵۰۶/۶ ملتقطاً)

## رسالو ”گانن باجن جون ھولناڪيون“ جو تعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل روايتن ۾ گاني باجي ۽ موسيقي کي رُوح جي غِذا چوڻ وارن جي لاءِ لمحہ فِڪرِيہ آھي تہ موسيقي رُوح جي غِذا



www.dawateislami.net

ناھي بلڪ قلب ۽ رُوح جي ھلاڪت ۽ بربادي جو ذريعو آھي. ڳاني باجي جي اَخلاقي ۽ شَرعي نُقصانات ڄاڻڻ ۽ اُن ڪان بچڻ جي لاءِ شيخِ طريقت، **اميرِ اھلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابُوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو تحرير ڪيل 48 صفحن تي مشتمل رِسالو "ڳاني باجي جون ھولناڪيون ۽ ڳانن جا 35 ڪفريہ اشعار" جو مُطالَعو اِنتِھائي مُفِيد آھي، ان رِسالي ۾ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن ڳاني باجي جو شوق رکڻ واري ھڪ گھراني جي تباھي ۽ بربادي سان مُتَعَلّق اِنتِھائي فِڪر انگيز واقعو ذڪر ڪرڻ ڪان علاوه، قُرآن ۽ حديث جي فرامين ۽ فُقَھاء ۽ بُزرگانِ دين جي اَقوالن جي روشني ۾ ڳانا باجا ٻڌڻ جي مُعاشَرَتي ۽ شَرعي نُقصانن ۽ اُخروي عذابَ بيان فرمايا آھن، تنھنڪري اڄ ئي ان رِسالي کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي ڪان ھَدِيَةً طَلَب فرمائي ڪري پاڻ بہ ان جو مُطالَعو ڪريو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net ڪان ان رِسالي کي رِيڊ (يعني پڙھي) بہ سگھجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگھجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## موبائل ھڪ ذھني ۽ نَفْسِياتي بيماري

جديد طِبّي تَحقِيق جي مُطابِق موبائل جي سبب ذھني ۽ نَفسِياتي مريضن جي تعداد ۾ مُسلسل اِضافو ٿي رھيو آھي، موبائل انسان جي جسم سان گڏوگڏ ان جي رُوح ۽ ذِھن ۽ دِماغ کي بہ مَرَض ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آھي، انسان جو جسماني بيماري ۾ مبتلا ھئڻ، ايتري قدر پريشان ڪندڙ ناھي،



www.dawateislami.net

جيتري قدر اُن جو رُوحاني، نَفْسِياتي، ذهني ۽ دِماغي بيماريءَ ۾ مبُتلا هئڻ تشويشناڪ آهي، ڇو جو رُوح جي بيماري انسان کي ناشائستگي ۽ بداَخْلاقيءَ جي طرف وٺي ويندي آهي. ذهن ۽ دِماغ جو مَرَض انسان کي هڪ عجيب ڪشمڪش ۽ بي چيني جيهڙي ڪيفيت ۾ مبُتلا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ انسان جي روشن مُسْتَقْبِل تي هڪ سِياهه نشان لڳائي ڇڏيندو آهي، انسان پنهنجي روشن مَسْتَقْبِل جي لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندو آهي ۽ پنهنجي فِڪر ۽ عمل کي سنوارڻ ۽ اڳيان وڌڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پر اُن جو ذهني ۽ دِماغي مَرَض اُن جي پيرن جي زنجير بڻجي ويندو آهي. موبائل جي سبب بلَڊ پريشَر، دل جي دَوري ۽ چِڙچڙي پَڻ جهڙي بيماريون پهريان جي مُقابلي ۾ وڌنديون وينديون آهن ۽ هي چِڙچِڙو پَڻ، گهريلو ماحول جي لاءِ اِنْتِهائي نُقصان جو سبب بڻجي رهيو آهي. زال مڙس ۾ جهگڙا ٿي رهيا آهن ۽ خانداني نِظام متجي رهيو آهي، موبائل جي بدولت پيدا ٿيڻ واري ان غُصّي ۽ چِڙچِڙا پَڻ جي سبب پنهنجن ۽ غيرن جي درميان گار گَند ۽ هاٿاپائي تائين نوبت پهچي ويندي آهي، مطلب هي ته موبائل جي نتيجي ۾ برپا ٿيڻ وارو هي ڊرامو هڪ ڪان هڪ مَنْظَر پيش ڪري رهيو آهي.

آگے آگے دیکھئے ہوتا ہے کیا

موبائل فون ڪهڙي طرح ذهني دٻاؤ، گهبراهٽ ۽ خانداني ڪشِيدَگي جو سبب بڻجي رهي آهي، ان باري ۾ هڪ اَخبار جو هي خلاصو پُڙهو ۽ پاڻ کي موبائل فون جي هلاڪت خيزين کان بچائڻ، ان جي استعمال ۾ ڪمي آڻڻ ۽ غير ضروري استعمال کان جان ڇڏائڻ جي نِيت ڪريو. جيئن ته ڪجهه وقت پهريان تَحْقِيق جي مُطابِق موبائل فون استعمال ڪرڻ وارا ماڻهون ذِهني دٻاؤ جو شِڪار رهندا آهن، اهڙن ماڻهن جو تعداد انهن ماڻهن



www.dawateislami.net

جي مُقابلي ۾ تمام گھٽو ھوندو آھي، جيڪي موبائل جو استعمال تمام گھٽ يا بلڪل ناھن ڪندا. فون ڪرڻ جا عادي ماڻھون آفيس جون پريشانيون بہ فون سان گڏوگڏ گھر کڻي ايندا آھن، جنھن سان گھرن ۾ خواتين تمام گھڻيون چڙنديون آھن، مڙس جڏھن پنھنجي ڪم جي باري ۾ گھر ۾ موبائل تي گفتگو ڪندو آھي ۽ ھر وقت اُن جو فون ايندو رھندو آھي تہ زال ۽ ٻار ٻنھي کي شڪايتون رھنديون آھن، ھڪ ماھرِ سَماجي ڊاڪٽر نوئيل چيزي جي مُطابِق موبائل فون چاھي مَرد حضرات استعمال ڪري رھيا ھجن يا خواتين، ان سان گھريلو زندگي تي بُرو اَثر پوڻ جا بہ مثال موجود آھن. ماھرين جي مُطابِق موبائل فون جو گھڻو استعمال خانداني ڪشِيِدَگيءَ جو باعث بڻجي رھيو آھي، ھي مُسلسل ماڻھن کي ذھني دٻاؤ سان گڏوگڏ گھبراھٽ جو شِڪار بہ بڻائي رھيو آھي، ان جو وڏندڙ استعمال ان خطري جي نشاندھي بہ ڪري رھيو آھي تہ اچڻ وارو نسل گھر ۽ ٻاھر جي ذِمّي دارين کي الڳ الڳ ڪري ڏسڻ ۾ بہ ناڪام ٿي ويندو ۽ عام زندگي بہ مَصيبتن ۽ تڪليفن جي شِڪار ٿي ويندي. (روزنامہ انقلاب ، ۲۶ستمبر ۲۰۱۳جمعرات بتغير)

ياد رھي تہ اِنٽرنيٽ استعمال ڪرڻ جا جيترا بہ اَخلاقي مُعاشَرتي ۽ شَرّعي نُقصانات آھن، اُنھن کي عليحده سان بيان ڪرڻ جي ضرورت ناھي، ڇو جو ھر عقل مند شخص ڄاڻي ٿو تہ موبائل اِنٽرنيٽ جي تقريبًا تمام نُقصانن کي پنھنجي اندر پناھ ڏئي چڪو آھي. اڄ شايد ڪمپيوٽر کان وڌيڪ موبائل فون تي ۽ اھو بہ اِنتِھائي گھٽ پيسن ۾ اِنٽرنيٽ استعمال ڪيو پيو وڃي، ٻار ٻار وٽ اھڙو موبائل موجود آھي، جنھن جي ذريعي اِنتِھائي تيز ترين اِنٽرنيٽ استعمال ڪري سگھجي ٿو. ھڪ وقت ھيو جو ٽي وي ۽ سنيما جا نقصان ۽ خوفناڪ نتيجا مُعاشَري جي لاءِ اِنتِھائي پريشان ڪُن ھئا ۽ ٽيلي ويزن کي صِحّت جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ نُقصان ده قرار ڏنو ويو ھو، پر



www.dawateislami.net

اڄ موبائل ۽ اِنٽرنيٽ سڀ کان وڏيڪ صِحَّت کي خراب ۽ اَخلاق کي تباهه ۽ برباد ڪري رهيا آهن، موبائل۽ اِنٽرنيٽ انساني بستين تي جڻ تہ قبضو ڄمائي ورتو آهي، يا پوءِ هي چئو تہ موبائل انسان جي اَخلاقي قَدرن ۽ مَذهَبي رِوايتن تي حملو ڪري ڇڏيو آهي.

هڪ اِطّلاع جي مُطابِق اِنٽرنيٽ استعمال ڪرڻ وارن جي تعداد جي اعتبار کان هِنّد دُنيا جو ٽيون وڏو مُلڪ آهي جتي تقريبًا 15ڪروڙ 16لک ماڻهون اِنٽرنيٽ استعمال ڪندا آهن ۽ جيستائين موبائل فون استعمال ڪرڻ جي ڳالهہ آهي، تہ هندوستان ان معاملي ۾ پوري دُنيا جي مُلڪن ۾ ٻي نمبر تي آهي، جتي 86 ڪروڙ 87 لک موبائل فون استعمال ۾ آهن. وڏي عُمر جي ماڻهن کان علاوه گهٽ عُمَر وارا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون بہ وڏي تعداد ۾ موبائل جو هر طرح سان استعمال ڪري رهيا آهن، موبائل فون جي بدولت عشقِ مجازي کي تمام وڏو فروغ مِليو آهي، ٿي وي هڪ کليل راز هو، پر موبائل هڪ "پوشيده راز" آهي جنهن ۾ نہ ڄاڻي ڪهڙا ڪهڙا سنگين حقائق پوشيده آهن، تنهنڪري والدين کي گهرجي تہ پنهنجي ٻارن جي نقل ۽ حرڪت تي توجّهہ رکڻ سان گڏوگڏ حڪمتِ عملي سان گڏوگڏ اُنهن جي تَرِبيت جي بہ ڪوشش ڪندا رهن، بالخصوص جيڪي ٻار اڄا ننڍا آهن خُدارا اُنهن کي موبائل ۽ اِنٽرنيٽ جي نُقصانن جي زور دار سيلاب کان بچايو، نہ تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ انهن ٻارن جا گلشنِ ڪردار بہ ان سيلاب ۾ غرق ٿي وڃن. زهي نصيب خُود بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ پنهنجي ٻارن کي بہ ان مدني ماحول سان وابستہ ڪري ڇڏيو، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ قرآن ۽ سنّت جي مُطابِق ڏيڻ ۽ اَخلاقي تَرِبيت جي طرف ڀرپُور توجّهہ ڏني ويندي آهي.



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻارن جي لاءِ موبائل فون جي طِبّي نُقصان جي باري ۾ هڪ مشهور ماهنامي جي تحقيقي مضمون ۾ هي بہ بيان ڪيو ويو آهي تہ عالمي اداره، صِحَّت جي سربراھ بہ ان ٻارن جي والدين کي سخت تنبيهه ڪري چڪا آهن، جن جا ٻار موبائل فون تي پنهنجو وڌ کان وڌ وقت ضائع ڪندا آهن، راند راند ۾ موبائل فون تي ڪلاڪ گفتگو ڪرڻ وارا ٻار هي نٿا سمجهن تہ موبائل فون کان ٿيڻ وارن نُقصانن، ان جي صِحَّت جي لاءِ ڪيتري قدر خطرناڪ ثابت ٿي سگهن ٿا، ان باري ۾ ڪجھ ٽيسٽ بہ ڪيا ويا ۽ معلوم ٿيو تہ جن مقامن تي موبائل جو مُسلسل استعمال ڪيو ويندو آهي، اُتي بَرَقي مَقْناطِيسي لهرون بہ تمام گهٽيون هونديون آهن، جيڪي ننڍن ٻارن جي لاءِ تہ اِنْتِهائي نُقصان ده آهن. (ماہنامہ اشرفیہ اگست۲۰۱۳ بتغیر)

موبائل جي فتنن فسادن جي مُتَعَلِق 3 مارچ 2014 عيسوي جي هڪ اخبار جي تشويشناڪ تحرير جو خُلاصو بہ توجهه سان ٻڌڻ جي قابل آهي، تحرير جو عنوان آهي، **هوشيار خبردار موبائل فون گهر گهر ۾ باھ لڳائي رهيو آهي** ، جنهن تيزي سان موبائل انسان جي زندگي جو حِصّو بڻجي رهيو آهي، اُن تيزي سان انسان جي زندگي ۾ ڪو بہ داخل نٿو ٿي سگهي، موبائل جتي ماڻهن جي زندگين ۾ آساني فراهم ڪئي آهي، اُتي ان موبائل سان ڪوڙ ۽ ڌوڪي بازيءَ کي بہ فروغ حاصل ٿيو آهي، ماڻهون حقيقت ۾ ڪنهن ٻي جڳھ تي موجود هوندو آهي، پر موبائل فون تي پنهنجي موجودگي جي باري ۾ ڪجھ ٻيو ٻڌائي رهيو هوندو آهي، ان طرح سامهون واري کان ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ان کي بيوقوف بنائڻ وارو ائين خُوش ٿي رهيو هوندو آهي، جيئن ڪو وڏو نيڪ ڪم سر اَنجام ڏنو هجي. (ہفت روزہ نئی دُنیا ۳ مارچ ۲۰۱۴بتغیر) **جڏهن تہ** بِلا اجازتِ شَرَعي ڪوڙ ڳالهائڻ نہ صرف اِنْتِهائي قابلِ مَذَمَّت آهي، بلڪ



www.dawateislami.net

قرآن ۽ حديث ۾ ان ڪان بچڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. جيئن تہ سيپاري 17 سورةُالحج جي آيت نمبر 30 ۾ ارشادِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ آهي:

وَاجۡتَنِبُوۡا قَوۡلَ الزُّوۡرِ ﴿۳۰﴾

تَرجَمو ڪنزالايمان: ۽ بچو ڪوڙي ڳالھ کان.

(پ ١٧،سورة الحج:٣٠)

نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحِيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: سچّائي کي لازم ڪري ونو، ڇو جو سچّائي نيڪي جي طرف وٺي ويندي آهي ۽ نيڪي جنّت جو رستو ڏيکاريندي آهي. ماڻهو برابر (مسلسل) سچ ڳالهائيندو رهندو آهي ۽ سچ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي، ايستائين جو اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي نزديڪ صِدّيق لکيو ويندو آهي ۽ ڪوڙ کان بچو، ڇو جو ڪوڙ گُناھ جي طرف وٺي ويندو آهي ۽ گُناھ جهنّم جو رستو ڏيکاريندو آهي ۽ ماڻهو برابر (مسلسل) ڪوڙ ڳالهائيندو رهندو آهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي، ايستائين جو تہ اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي نزديڪ وڏو ڪوڙو لکيو ويندو آهي. (مسلم ،ڪتاب البر و الصلة،باب قبح الڪذب ...الخ،ص١٤٠٥،حديث:٢٦٠٧)

آه طُغيانياں گناهوں کی
نفس و شيطاں ہو گئے غالب

پار نيّا مری لگا يا ربّ
ان کے چُنگل سے تُو چُھڑا يا ربّ

(وسائلِ بخشش صفحه 79)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اهڙي طرح زال مڙس جي تڪرار ۾ هڪ ٻئي تي شڪ ڪرڻ جو هٿيار بہ موبائل بڻجي چڪو آهي، اڄ ڪيترائي اهڙا معاملا سامهون اچي چڪا آهن، جڏهن اي ميل ۽ موبائل جي سبب ذاتي ۽ عوامي زندگي تباھ ٿي چڪي



www.dawateislami.net

آهي، خود ڪُشي ۽ قتل جو باعث بنجڻ واري ان دَور جي سوشل ويب سائٽس ۽ موبائل مُهَذَّب دُنيا کي پريشانين ۾ وجهي ڇڏيو آهي .[1]

موبائل فون روڊ ايڪسيڊنٽ جو سبب بہ بڻجي رهيو آهي، سخت قانون جي باوجود 55 فيصد ماڻهو گاڏي هلائڻ وقت موبائل فون جي ذريعي گفتگو ڪرڻ يا گانا باجا ٻُڌڻ ۾ مصروف رهندا آهن، اهڙا بہ واقعات سامهون ايندا آهن تہ پويان کان اچڻ واري گاڏيءَ جو هارن نہ ٻُڌڻ جي سبب خطرناڪ حادِثا ٿي چڪا آهن، موبائل هڪ طرح سان توهان جي لاءِ رحمت آهي تہ زحمت بہ آهي، ان لاءِ ان جو استعمال ڪريون پر احتياط سان.[2]

حال ۾ ئي فِن لينڊ جي سائنس دانن هڪ تحقيق ۾ ٻڌايو تہ موبائل فون سان دِماغ ۾ تبديلي اچي ويندي آهي، ماهرين جي رائي آهي تہ ان کان بچڻ جو هڪ ئي طريقو آهي، موبائل فون تي ڪم سان ڪم ۽ صرف مقصد جي ڳالھ ڪئي وڃي. فون دِماغي ڪينسر جهڙي سنگين بيمارين جو سبب آهي، موبائل فون دل جي ويجهي کيسي ۾ نہ رکڻ گهرجي، ان سان دل تي منفي اَثر پوندا آهي، ضرورت کان زياده دير تائين گفتگو ڪرڻ سان ڪَن تي تہ ان جو بُرو اَثر پوندو ئي آهي، گَڏوگڏ هي دِماغ بہ ان جي اَثر کان ناهي بچي سگهندو، خاص طور تي ٻارن جي نشوونما گَڏوگڏ دِماغ جي لاءِ فون جو اضافي استعمال نُقصان ده هوندو آهي. جي ها! موبائل جو هڪ خطرناڪ ان طرح بہ آهي تہ ان جي ذريعي، حامِلہ عَورت ۽ اُن جي پيٽ ۾ پَرَوَرِش پائڻ واري ٻار جي صِحَّت ۽ اَخلاق تي وڏو بُرو اَثر پئي ٿو، موبائل بجلي سان

1... ہفت روزہ نئی دُنیا ۳ مارچ ۲۰۱۴بتغیر

2... ماہنامہ اشرفیہ اگست ۲۰۱۳ بتغیر



www.dawateislami.net

هلندو آهي، موبائل کي پهريان بِجلي سان چارج ڪيو ويندو آهي، موبائل جي اندر ڪرَنٽ ۽ بِجلي جون شُعاعون پريل رهنديون آهن ۽ بجلي جون هي شُعاعون عام ماڻهو جي لاءِ بہ نُقصان دہ آهن، اهو ئي سبب آهي تہ ڊاڪٽر حضرات موبائل کي سيني جي ويجهي کيسي ۾ رکڻ کان منع ڪندا آهن، ڇو جو ان سان دل جو مَرَض پيدا ٿيڻ جو انديشو رهندو آهي، اڄ موبائل مان نڪرڻ واريون شُعاعون حامِلہ عَورت ۽ اُن جي پيٽ ۾ پَرْوَرِش پائڻ واري ٻار جي صِحَّت کي مَفْلُوج ۽ ناڪاره بڻائي رهيون آهن، تنهنڪري حامِلہ عَورتون دَورانِ حَمَل موبائل جو گهٽو استعمال نہ ڪن ۽ ضرورتًا موبائل استعمال ڪريون بہ تہ ان کان خود کي دُور رکو، سِيراندي يا وهاڻي جي هيٺان موبائل هرگز نہ رکو، جديد ميڊيڪل سائنس جي تحقيق جي مُطابِق آخري ٽي چار هفتن ۾ ماءُ جي پيٽ ۾ پرورش پائڻ واري ٻار جي ڪنن ۾ اُن جي ماءُ ۽ اِردگرد جون آوازون پهچڻ لڳنديون آهن. (ماہنامہ اشرفیہ اگست ٢٠١٣بتغير)

اڄ جون مائرون اَيامِ حَمَل ۾ تڪليف جوعُذر پيش ڪري فرائض ۽ واجبات، نماز، روزي ۽ ٻين اوراد و وظائف ڇڏي ڏينديون آهن ۽ فُضُول ڳالهين ۽ بي ڪار ڪمن ۾ مشغول رهنديون آهن، فلمون ڏسنديون آهن، گانا ٻڌنديون آهن ۽ موبائل جي پويان پيل رهنديون آهن، جڏهن تہ انهن کي اندازو هئڻ گهرجي تہ اُن جي فِلم بيني، فُحَش گوئي ۽ گانن ٻُڌڻ جو بُرو اَثر اُن جي پيٽ ۾ پرورش پائڻ تي بہ پئي رهيو آهي. اڇو تہ ماءُ جي پيٽ ۾ پلجڻ واري ٻار تي اُن جي ماءُ جي چڱين عادتن جو چڱو اَثر پوڻ جو هڪ عظيمُ الشّان واقعو سماعت ڪريون. جيئن تہ\



www.dawateislami.net

# چڱي عادت جو اولاد تي چڱو اَثر

پيرانِ پير، روشن ضمير،قطبِ ربّاني، محبوبِ سبحاني حضرت سَيدُنا شيخ عبدُ القادر جيلاني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پنج سالن جي عُمر ۾ جڏهن پهرين ڀيري بِسۡمِ الله جي رَسَم جي لاءِ ڪنهن بُزرگ وٽ وينا تہ اَعُوۡذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡم ۽ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهہ ڪري سُوۡرَةُ الۡفَاتِحه ۽ الٓمّٓ کان 18 سيپاري تائين پڙهي ڪري ٻُڌائي ڇڏيو. اُن بُزُرگ پڇيو: پُٽ اِهي ڪٿي پڙهہ. فرمايائون: بس مون کي اِيترو ئي ياد آهي، ڇو جو منهنجي والده کي بہ ايترو ئي ياد هو، جڏهن آئون پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ هئس، اُن وقت اهي پڙهنديون هيون، مون ٻُڌي ڪري ياد ڪري ورتو. ( الحقائق فی الحدائق،۱/۱۴۰بتغیرقلیل)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو تہ هي ماءُ جي چڱن ڪمن جو پيٽ ۾ پرورش پائڻ واري ٻار تي چڱو اَثر ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ ياد رکو ! تہ ماءُ دَورانِ حمل قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندي تہ ضروري ناهي تہ ٻار حافظِ قرآن بڻجي ڪري ئي پيدا ٿيندو، پر ايترو ضرور آهي تہ تلاوتِ قرآنِ ڪريم ۽ ماءُ جي چڱن ڪمن جو اَثر ٻار تي ضرور پوندو، حامِله عَورَتن کي ان سلسلي ۾ خاص توجّهہ ڏيڻ ۽ حتّي الامڪان موبائل کان بچڻ جي ضرورت آهي. هونئن بہ عَورَتون گهر جي مالِڪ ۽ اُمورِ خانہ جي نگهبان ۽ ذِمّہ دار هونديون آهن، تنهنڪري ان اعتبار سان بہ عَورَتن جي حق ۾ موبائل جو زياده استعمال زهرِ قاتل ۽ وڌيڪ خطرناڪ آهي، جيڪڏهن عَورَتون اڪثر ڪري موبائل ۾ مشغول رهنديون تہ پوءِ گهريلو ذِمّي دارين کي ڪير سنڀاليندو؟ ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ ڪم ڪاج جي دَوران ڪم سان گڏوگڏ مُسلسل موبائل فون جي طرف بہ توجّهہ رکڻ سان نہ صرف ذهن تي غير



www.dawateislami.net

ضروري دٻاءُ پوندو آھي، بلڪ ان غفلت جي سبب اڪثر ڪري گھر ۾ موجود ننڍين ٻارن کي ناقابلِ تلافي نُقصان بہ پھچندو آھي.

( روزنامہ انقلاب، ۲۶ستمبر ۲۰۱۳جمعرات بتغیر )

الله عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني کي پنھنجي حِفَظ ۽ اَمان ۾ رکي ۽ پنھنجي زندگي کي قرآن ۽ سنّت جي اَحڪامن ۽ پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّتن جي مُطابِق گُذارڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِي الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مِٹادے ساری خطائیں مِری مِٹا یارب　　بنادے نیک بنا نیک دے بنا یارب
رِہائی مجھ کو ملے کاش نفس و شیطاں سے　　تِرے حبیب کا دیتا ہوں واسطہ یارب
گناہ بے عدد اور جُرم بھی ہیں لاتعداد　　مُعاف کردے نہ سہہ پاؤں گا سزا یارب

(وسائلِ بخشش صفحہ 78)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عشقِ مجازي کان جان ڇڏائڻ جون تدبيرون:

**سوال:** جيڪڏھن ڪنھن سان عشق ٿي وڃي، بدنگاھي وغيره گناھن جو سلسلو بہ ھجي ۽ شاديءَ جي ترڪيب بہ ممڪن نہ ھجي تہ ان کان ڪيئن ڇوٽڪارو حاصل ڪري؟

**جواب:** واقعي اھو معاملو وڏو صبر آزما آھي، ان دؤران جيڪي بہ گناھ ٿيا ھجن، انھن کان سچي دل سان توبھ ڪري ان عشق سراپا فِسق کان ڇوٽڪاري جي لاءِ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ ٻاڏائي ڪري دعا گھري، ان کي ڏسڻ کان بچي، بلڪ جيڪڏھن ان جي تصوير، تحفو يا ڪا بہ نشاني پاڻ وٽ ھجي تہ ان کي بہ نہ ڏسي ۽ فورًا اھي شيون پاڻ کان الڳ ڪري ڇڏي، ان جي فون نہ ٻڌي. ان جو عشقيہ خط نہ پڙھي ايتري تائين جو ان جي



www.dawateislami.net

تصّور ڪان بہ هر ممڪن صورت ۾ پيڇو ڇڏائي. پنهنجو پاڻ کي ديني ڪمن ۾ هڪدم مشغول ڪري ڇڏي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت پنهنجي دل ۾ وڌائي ۽ بارگاهِ رسالت ۾ فرياد پيش ڪري:

محبّت غیر کی دل سے نکالو یا رسولَ اللہ
مجھے اپنا ہی دیوانہ بنا لو یا رسولَ اللہ

## عشق بازيءَ کان جان ڇڏائڻ جو روحاني علاج

**سوال**: عشق بازي کان جان ڇڏائڻ جي لاءِ ڪو وظيفو بہ ٻڌائي ڇڏيو؟

**جواب**: ڳذريل سوال جي جواب جي شروع ۾ جيڪي مدني گل پيش ڪيا، ان سان ڳڏوڳڏ بيشڪ قرآني آيتن تي مشتمل هي ”عمل“ بہ ڪيو: بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ. لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ سُبْحٰنَكَ اِنِّیْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِیْنَ. اَللّٰہُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ. لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ۔ باوضو ٽي ڀيرا پڙهي (اول آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پاڻي تي دم ڪري پي ڇڏي، اهو عمل چاليهه ڏينهن تائين ڪري.

## اوراد ۽ وظائف:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نفس جي بُري خواهشن کان ڇٽڪاري، نفسِ امّاره جي قيد کان رِهائي ۽ گناهن کان مغفرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ وقتًا فوقتًا ان اوراد جون برڪتون حاصل ڪندو رهي، جيئن تہ

- جيڪو ان اسماءِ مبارڪ ”یَاغَفَّارُ“ کي هميشہ پڙهندو رهي، اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ نفس جي بُري خواهشن کان ڇٽڪارو پائيندو. (مدني پنج سوره،ص248)
- جيڪو نفسِ اَمّاره جي هٿان گرفتار هجي تہ هرروز ”یَاخَبِیْرُ“ جو وظيفو



www.dawateislami.net

ڪري وٺي، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ **نجات پائيندو..** (مدني پنج سوره،ص250)

- جنھن جا گناھ گھڻا ھجن، اھو ان اِسمِ پاڪ ”يَاعَفُوُّ“ جي ڪثرت ڪري، اللّٰه تعاليٰ پنھنجي فضل سان ان جا تمام گناھ بخشي ڇڏيندو.. (مدني پنج سوره،ص257)

## بَيان جو خُلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان عشقِ مجازي جي تباھ ڪارين ۽ موبائل ۽ اِنٽر نيٽ جي نُقصانن جي باري ۾ ٻُڌو.

- ➢ يقينًا **عشقِ مجازي ۽ بُري خواھشن** ۾ مبتلا ٿيڻ، بي شمار گناھن ۾ مبتلا ٿيڻ جو سبب آھي .
- ➢ يقينًا **عشقِ مجازي ۽ بُري خواھشن** ۾ مبتلا ٿيڻ، پوري زِندگي جي پڇتاوي جو سبب بڻجندو آھي .
- ➢ **عشقِ مجازي ۽ بُري خواھشن** کان بچڻ جي لاءِ مرد جو اُن عورتن کان جن کان شريعت ۾ پردو آھي، ان سان اڪيلائپ اِختيار ڪرڻ يا غير شرعي طور تي رابطي ڪرڻ ،ڪيترن ئي گناھن جو سبب بڻجي سگھي ٿو .
- ➢ **عشقِ مجازي ۽ بُري خواھشن** کان بچڻ جي لاءِ مرد جو نامحرم عورتن سان فون، انٽر نيٽ، ايس ايم ايس يا واٽس ايپ جي ذريعي سان رابطو ڪرڻ کان بچڻ، بيحد ضروري آھي، نہ تہ ھي بُري حرڪت پوري عمر جو آزار بڻجي سگھي ٿي.
- ➢ **عشقِ مجازي ۽ بُري خواھشن** کان بچڻ جي لاءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ روئي روئي ڪري دُعا ڪريو.
- ➢ **عشقِ مجازي ۽ بُري خواھشن** کان بچڻ جي لاءِ اِنٽرنيٽ ۽ موبائل جي



www.dawateislami.net

غلط اِستعمال کان بچو.

- **عشقِ مجازي ۽ بُري خواهش** کان بچڻ جي لاءِ روحاني علاج ڪريو.
- **عشقِ مجازي ۽ بُري خواهش** کان بچڻ جي لاءِ، الله عَزَّوَجَلَّ ۽ اُن جي رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ياد ۾ مگن ٿي وڃو.
- **عشقِ مجازي ۽ بُري خواهش** کان بچڻ ۽ ڪردار ۽ گفتار جي بهتري جي لاءِ سُنّي صُحبت ۽ مدني ماحول اپنائي وٺو.
- **عشقِ مجازي ۽ بُري خواهش** کان بچڻ جي لاءِ مدني انعامات جا عامِل ۽ مدني قافلن جي مسافر بڻجي وڃو. هٿو هٿ 12 مهينن جي لاءِ تيار ٿي وڃو، 26 مهينن يا 12 مهينن جي مدني قافلن ۾ سفر اِختيار ڪريو. 63 روزه مدني تربيتي ڪورس يا 41 روزه مدني انعامات ۽ مدني قافلہ ڪورس، نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ 12 روزه ڪردار ساز مدني ڪورس ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريو ۽ هر 30 ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر تہ ڪرڻ ئي گهرجي.

آئیں نہ مجھے وسوسے اور گندے خیالات
دے ذِہن کا اور دِل کا خدا قفلِ مدینہ

رفتار کا گُفتار کا کِردار کا دے دے
ہر عضو کا دے مجھ کو خدا قفلِ مدینہ

دوزخ کی کہاں تاب ہے کمزور بدن میں
ہر عضو کا عطّار لگا قفلِ مدینہ

(وسائلِ بخشش صفحہ 95)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلسِ مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطّاريہ

اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسنّت** دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جي فيض سان جتي



www.dawateislami.net

تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي مُبَلِّغين ماڻهن جي اِصلاح جي لاءِ مختلف شُعبہ جات ۾ نُمايان طور تي مدني ڪم ڪيو، اُتي پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي توجّهہ ۽ مدني سوچ جي تحت دعوتِ اسلامي جي مجالس مان هڪ اهڙي مجلس جي شعبہ جات مان هڪ شعبو بنام "**مجلسِ مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطّاريہ**" جو اِضافو بہ ڪيو ويو آهي، ان مجلس جا ذِمہ داران، پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکايل اُمّت جي غمخواري جي مُقَدَّس جذبي جي تحت، رِضائي اِلٰهي جي حصول جي نِيت سان پنهنجي پنهنجي شعبي سان متعلقہ مدني ڪمن ۾ مصروف آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ربيعُ الاخر 1433هہ بمُطابِق مارچ 2012 تائين مجلسِ مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطاريہ جي تحت پاڪستان جي چارن صوبن جي سوَين شهرن ۾ ڪم و بيش 600 جي قريب بستن سان گڏوگڏ پاڪستان کان ٻاهر، بيرونِ ملڪ 150 کان وڌيڪ مقامن، جن ۾ ساؤٿ افريقہ، ڪينيڊا، افريقہ (ممباسا، تنزانيہ، يوگنڊا)، ماريشس، انگلينڊ (بريڊ فورڊ، برمنگهم) امريڪہ، اسپين، يونان، عَرَب شريف، عَرَب اَمارات، ڪويت، عُمّان، هانگ ڪانگ، ساؤٿ ڪوريا ۽ انڊيا (جا تقريباً 70شهر) شامل آهن، ۾ تعويذاتِ عطاريہ جي بستن تي سوَين اسلامي ڀائر (جن کي مجلسِ مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطاريہ جي طرف کان اجازت ۽ تَرْبِيت حاصل آهي) ڏکايل اِنسانِيت جي غمخواري ڪندي دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن کي فروغ ڏيڻ ۾ مصروف آهن. هر مهيني تقريبًا هڪ لَک پنجويهہ هزار (1,25,000) مريضن کي 4 لَک کان وڌيڪ تعويذات ۽ اورادِ عطاريہ ڏنا ويندا آهن.



www.dawateislami.net

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ٻارنهن مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم ”جُمعہ اعتڪاف اَطراف ڳوٺ يومِ تعطيل اعتڪاف“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!مسلمانن جي عملي حالت اڄ بيان ڪرڻ جهڙي نہ آهي، عشقِ مجازي جو زور دار سيلاب جنهن کي ڏسو وَهائي وڃي رهيو آهي، اهڙي حالت ۾ تبليغِ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ،دعوتِ اسلامي جو مَدَني ماحول ڪنهن نعمتِ عُظمٰي کان گهٽ ناهي، تنهنڪري اَخْلاقي شَرعي ۽ مُعاشَرَتي بُرائين کان بچڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هروقت وابستہ رهو ۽ ذيلي حلقي جي ٻارنهن مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حِصّو وٺو. ذيلي حلقي جي ٻارنهن مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم ”جُمعہ اعتڪاف اَطراف ڳوٺ يومِ تعطيل اعتڪاف“ بہ آهي. ان اعتِڪاف مدني ڪم جو بُنيادي مقصد مسجدن کي آباد ڪرڻ، عَلاقائي دورو برائي نيڪي جي دعوت جي ذريعي گهرن، دُڪانن ۾ وڃي ڪري نماز جي دعوت پيش ڪرڻ، نماز، سُنّتون ۽ آداب وغيره سيکارڻ جي ترڪيب ڪرڻ ۽ اُتي دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن کي شروع يا مزيد مضبوط ڪرڻ آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ احاديثِ مُبارَڪ ۾ مسجدن کي آباد ڪرڻ جا ايمان افروز فضائل بيان ڪيا ويا آهن، اچو تہ ان متعلق ٽي (3) فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻُڌون ۽ جُمعہ اعتڪاف اَطراف ڳوٺ يومِ تعطيل اعتڪاف ۾ هر هفتي



www.dawateislami.net

شرڪت جي نِيت ڪريون.

1. بي شڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي گهرن کي آباد ڪرڻ وارا ئي، الله وارا آهن.[1]
2. جيڪو مسجد سان مَحَبَّت ڪندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ اُن کي پنهنجو محبوب بڻائي ونندو آهي.[2]
3. جڏهن ڪو ٻانهو نماز ۽ ذِڪر جي لاءِ مسجِد کي ٺڪاڻو بڻائي ونندو آهي، تہ الله عَزَّوَجَلَّ اُن جي طرف رحمت جي نظر فرمائيندو آهي جيئن جڏهن ڪو ٺي غائب ايندو آهي، تہ اُن جا گهر وارا اُن سان خُوش ٿيندا آهن.[3]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾، پوري مهيني رمضان يا آخري عشري جي اعتِڪاف ڪرڻ جي برڪت سان ڪيترن ئي ماڻهن جي زندگين ۾ حيرت انگيز مدني اِنقِلاب برپا ٿي ويو ۽ اهي گُناهن جي آفتن ۽ عشقِ مجازي جي هلاڪتن کان پاڻ کي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، اچو تہ ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار سماعت ڪريون:

## ناڪام عاشق

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي علائقي ملير جي هڪ اسلامي ڀاء پنهنجي زندگي ۾

---

1... معجم ا وسط،من اسمہ ابراہیم، ۵۸/۲،حدیث: ۲۵۰۲

2... معجم اوسط،من اسمہ محمد، ۴ / ۴۰۰ ، حدیث: ۶۳۸۳

3... اِبن ماجہ،کتاب المساجد والجماعۃ،باب:لزوم المساجد ...الخ،۴۳۸/۱، حدیث: ۸۰۰



www.dawateislami.net

ايندڙ مدني انقلاب جي باري ۾ ڪجھ ھيئن تحرير فرمائن ٿا: آئون بد قسمتي سان عشقِ مَجازِي ۾ گرفتار ٿي گناھن ۾ بدمست ٿي چڪو ھئس، ھڪ ڏينھن مون کي خبر ملي تہ گھر وارن ”اُن“ (ڇوڪريءَ) جي شادي ڪنھن ٻي جڳھ تي ڪري ڇڏي آھي، ھن صدمي ڪان پوءِ منھنجي زندگي اُجڙي چڪي ھئي، آخرڪار منھنجو انجام بہ اھو ئي ٿيو جيڪو عشقِ مَجازِي ۾ شيطان جي ھٿان رانديڪو بڻجڻ وارن سوين ناڪام ۽ نامراد عاشِقن جو ٿيندو آھي، تنھنڪري مان بيزار ٿي چرس، آفيم، شراب، ھيروئن ۽ نشي آور انجيڪشن جھڙن موتمار مُنَشّيات جو عادي بڻجي چڪو ھئس، پنھنجي فاسد گمان ۾ قلبي سڪون حاصل ڪرڻ خاطر شايد ئي ڪو اھڙو نشو ھجي جيڪو مون نہ ڪيو ھجي، زندگيءَ مان ايتري قدر تنگ ٿي چڪو ھئس جو مَعَاذَاللّٰہ ڪئي ڀيرا تہ خودڪشي جي ناڪام ڪوشش بہ ڪئي، پاڻ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ڊيٽول، پيٽرول ۽ تيزاب بہ پيتو پر زندگي جون گھڙيون باقي ھيون، ربُّ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي بي نيازيءَ تي قربان وڃان جو ايترين نافرمانين جي باوجود ان رحمت جو دروازو مون تي بند نہ ڪيو، ڪرم جو سبب ڪجھ ھيئن ٿيو تہ منھنجي ملاقات دعوت اسلامي جي مھڪي مھڪي مشڪبار مدني ماحول سان وابستہ ھڪ عاشقِ رسول سان ٿي، ان جون منيون ڳالھيون ٻڌي ڪري دل ۾ نئين سري سان جيئڻ جي اُمنگ بيدار ٿي، ان جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان 29 **شَعبان المُعَظّم** 1427ھ بمطابق 2006ع ۾ مون کي دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ جي روحانيت سان ڀرپور فضائن ۾ اچڻ جي سعادت ملي، ھتي ھر پاسي سبز سبز عمامي وارن عاشقان رسول کي ڏسي منھنجو ايمان تازو ٿي ويو ۽ ھتو ھت 1427 ھ جي **رَمضان**



www.dawateislami.net

**المُبارَڪ** جي 30 ڏينهن جي اِجتِماعي اِعتِڪاف ۾ ويهي رهيس، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون گنهگار کي ﺑﻪ **رَمضان المُبارَڪ** جا روزا رکڻ جي سعادت حاصل ٿي، مدني ماحول جي برڪت سان منهنجي مٿي تان عشق مجازي جو نشو لهي ويو، دل مان برا خيال ختم ٿي ويا، مون چهري تي ڏاڙهي، مٿي تي سبز سبز عمامو شريف ۽ بدن تي سنت جي مطابق مدني لباس سجائي ورتو ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پنج وقت جي نماز جو پابند بڻجي ويس، هي سٽون لکڻ وقت تائين آئون "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" جي مُقدَّس جذبي تحت مدني ڪمن جي لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهيان .

عطائے حبیبِ خُدا مَدَنی ماحول
ہے فَیضانِ غَوث و رضا مَدَنی ماحول
بَفَیضانِ احمد رضا اِنْ شَآءَ اللّٰه
یہ پُھولے پھلے گا سَدا مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، **مصطفيٰ جانِ رحمت** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(ابن عساڪر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## مسواڪ جون سُنتون ۽ آداب

اچوته! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”163 مدني گُل“ مان مسواڪ جون سُنتون ۽ آداب سماعت ڪريون.

پهرين ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو: ۞ ٻه رڪعتون مسواڪ (يعني ڏنڊڻ) ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهن . (الترغيب والترهيب ج 1 ص 102 حديث 18) ۞ مِسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇو ته هي وات جي صفائي ۽ ربّ تعاليٰ جي رضا جو سبب آهي . (مسند امام احمد بن حنبل ج 2 ص 438 حديث 5869) ۞ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته مسواڪ ۾ ڏهه خوبيون آهن: وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي ٿو. (جمع الجوامع للسيوطي ج 5 ص 249 حديث 14867) ۞ سيّدنا امام شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى فرمائن ٿا: چار شيون عقل وڌائيندڙيون آهن: فضول ڳالهين کان پرهيز، مسواڪ جو استعمال، نيڪ ماڻهن جي صحبت، پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ (حياة الحيوان ج 2 ص 166) ۞ مسواڪ پيلو يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي هجي مسواڪ جي ٿولهه چيچ جي برابر هجي ۞ مسواڪ جڏهن استعمال جي قابل نه رهي ته اڇلايو نه، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهه تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمند ۾ وجهي ڇڏيو .

(بهارشريعت ج 1 ص 294 مڪتبةالمدينه، درمختار و ردالمحتار ج 1 ص 250)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو



www.dawateislami.net

ڪتاب ”سنّتیں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر به آهي.

مجھ کو جذبہ دے سَفَر کرتا رہوں پروَردگار　　سنّتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعي جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

### (2) سمورا گُناه مُعاف

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا



www.dawateislami.net

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَیِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.(1)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(2)

## (4) ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیْہِ رَحمَةُ اللّٰہِ الھَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(3)

---

[1]…افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2]…القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[3]…افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرۡضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَاللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنۡزِلۡہُ الۡمَقۡعَدَ الۡمُقَرَّبَ عِنۡدَکَ یَوۡمَ الۡقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھۡلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن

---

[1]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[2] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

تائين نيڪيون لکندا آھن.[1]

## (2) جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي

**لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم**

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net